سکڻ سیکارڻ جي حلقن جو جدول

# رسولِ ذیشان صلّی اللہ علیہ وآلہ وسلّم

# جا 3 حق

28 آگسٽ 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **حضورِاڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلہٖ وَسَلَّم جي **3** حقن بابت ٻڌايو ويندو ۽ **قرض کان نجات ڏيارڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيم!

# دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن هي پڙهيو جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّاهُوَاَهْلُهُ (1) تہ 70 فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا. (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلہٖ وَسَلَّم جا 3 حق

## آيت مبارڪ

وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ ؕ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿۹﴾

(پارو: **26**، سورة الفتح: **9**)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو

---

1 الله پاڪ اسان جي طرفان حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ صلى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙي جزا عطا فرمائي جنهن جا هُو اهل آهن.

2... معجم اوسط، جلد:1، صفحہ:82، حديث:235۔

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، اُنَ اللّٰه پاڪ جي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي، ان اللّٰه پاڪ جي نافرماني ڪئي.

## رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلہٖ وَسَلَّم جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان تي اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا بيشمار احسان آهن، تنهنڪري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا حق به تمام گهڻا آهن. اڄ اسان رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن جا **3** حق سکڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

### پهريون حق: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ

**وضاحت :** حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي نبوت ۽ رسالت تي ايمان آڻڻ، جيڪو ڪجهه پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اللّٰه پاڪ جي طرفان ڪٺي آيا، دل سان ان تي يقين رکڻ ۽ زبان سان ان جو اقرار ڪرڻ، آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي **ايمان آڻڻ** آهي. [1] نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ هر شخص تي فرضِ عين آهي. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ ۾ هي ڳالهيون به شامل آهن:

۞ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سموري مخلوق ڏانهن موڪليا ويا آهن ۞ پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سيني کان آخري نبي آهن، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان بعد ڪو به نبي نه ايندو ۞ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ

1...الشفاء بحقوق المصطفیٰ، القسم الثانی، باب الاول فی فرض الایمان بہ...الخ، صفحہ:6۔

آلِهٖ وَسَلَّم اسان مان ڪنهن جي بہ مثل نہ آهن، پر پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ سموري مخلوق ڪان افضل آهن ۞ پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي جيڪي خاصيتون ۽ ڪمالات عطا ڪيا ويا آهن، انهن تي بہ يقين رکڻ ضروري آهي. مثال طور: ۞ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن اسان جهڙن گنهگارن جي شفاعت فرمائيندا ۞پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن کي اللّٰه پاڪ علمِ غيب عطا فرمايو آهي ۞ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي اللّٰه پاڪ پنهنجي نور مان پيدا فرمايو آهي. وغيره وغيره.

## ٻيون حق: ادب ۽ احترام ڪرڻ

**وضاحت:** پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر حال ۾، ظاهري ۽ باطني طور عزت ۽ تعظيم ڪرڻ (هر مسلمان تي) واجب آهي.(1)

**باطني تعظيم جا ڪجهہ مثال:** ۞ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪر تي دل ۾ خوشي، سُرُور ۽ سُڪون جو پيدا ٿيڻ ۞ آقا ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر ڳالهہ کي دل سان تسليم ڪرڻ، توڙي جو اسان جي عقل ۾ نہ اچي.

**ظاهري تعظيم جا ڪجهہ مثال:** ۞ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪر وقت ادب ۽ احترام جو خاص خيال رکڻ، مثال طور: اهڙا الفاظ استعمال ڪرڻ جن ۾ تعظيم هجي ۞ ممڪن هجي تہ ذڪر جي وقت تعظيم خاطر با ادب گوڏن پر ويهڻ ۞ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذڪر وقت درود پاڪ پڙهڻ ۞ جيڪڏهن روضءِ اقدس تي حاضري نصيب ٿئي تہ اتي لهجو نرم ۽ آواز پست رکڻ ۽ انتهائي عاجزي اختيار ڪرڻ ۞ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ وارين شين جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ۞ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي نالو کڻي نہ پڪارڻ، جهڙوڪ **يا محمد، يا احمد** چوڻ، ڇاڪاڻ تہ اهو بي ادبي ۾

---

1...المعتقد والمنتقد مترجم، صفحہ:214۔

شامل آهي ۾ سندن بي ادبي حرام آهي،[1] تنهنڪري جڏهن بہ کين پکاريو وڃي تہ، **يا رسول الله، يا نبي الله، يا حبيب الله** وغيرهہ جهڙن لفظن سان پکارڻ گهرجي.

## ٽيون حق: اتباع ڪرڻ

**وضاحت:** ڪنهن جي مڪمل اطاعت ۽ خالص پيروي ڪرڻ اتباع آهي.[2] امت تي نبي ڪريم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو حق آهي تہ سندن پيروي ڪئي وڃي، سيرتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي لاءِ **آئيڊيل (نمونو)** بڻايو وڃي.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ

(پارو: **3**، سورة آل عمران: **31**)

ترجموڪنز العرفان: اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو، الله توهان سان محبت ڪندو.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، تنهن الله جي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي تنهن الله جي نافرماني ڪئي.

## دهرائي

**اڄ اسان رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا 3 حق سکيا آهن، ذهن نشين ڪري وٺو!**

**(1):** نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ **(2):** پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ

---

1...فتاوىٰ رضويہ، جلد:30صفحہ:157۔
2...تفسير نعيمي جلد:3،پارہ:3،سورۂ آلعمران، تحت الآيت:31، صفحہ:375،بتغير قليل۔

وَسَلَّم جن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ **(3):** سندن اتباع ڪرڻ

**نوٽ:** حقوقِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جا ڪتاب ۞ سيرت مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، صفحو: **825** کان **850** ۽ ۞ سيرتِ رسولِ عربي، صفحو: **628** کان **695** پڙهو.

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### قرض کان نجات ڏيارڻ واري دعا:

اَللّٰھُمَّ اکۡفِنِیۡ بِحَلَالِكَ عَنۡ حَرَامِكَ وَاَغۡنِنِیۡ بِفَضۡلِكَ عَمَّنۡ سِوَاكَ

**ترجمو:** اي الله! مون کي حلال رزق عطا فرمائي حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ٻين کان بي نياز ڪري ڇڏ.[(1)]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُ الۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوۡرَةُ الۡاِخۡلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):**

---

1...مستدرک، کتاب الدعاء والتکبیر...الخ، باب دعاء قضاء الدین، جلد:2، صفحہ:230، حدیث:2016۔

پنھنجو جائزو ورتو؟ (16): پنھنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توھان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالھايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڑھيو يا پڑھايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گھر پھچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گھرن ۾ جھاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گھر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پھريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): ھڪ مٺ ڏاڙھي آھي؟ (28): گناہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبھ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32): ظھر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پھريان ادا ڪيون؟ (33): تھجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڑھيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڑھيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گھري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيرھ) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالھائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجھ نہ ڪجھ وقت ”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اھڑا لفظ تہ نہ ڳالھايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي ھجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پھريان بسم الله پڑھي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): اسراف کان بچيؤ؟ (49): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51): زبان جي گناھن کان بچيا؟ (52): فضول گفتگو کان بچيا؟ (53): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺھڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54):

عمامو شريف ٻڌو؟ (55): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علاقائي دورو ڪيو (65): پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ تا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟